# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1974
# سنڌ فني تعليم جو بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH BOARD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance XVI of 1970

3. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance XVI of 1970

4. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance XVI of 1970

5. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعه 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of Sindh Ordinance XVI of 1970

6. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعات 16 ۽ 17 جي ترميم
Amendment of Sections 16 and 17 of Sindh Ordinance XVI of 1970

7. 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعه 31 جو اضافو
Addition of Section 31 of Sindh Ordinance XVI of 1970

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1974
## سنڌ فني تعليم جو بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE SINDH BOARD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[12 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ فني تعليم جو بورڊ آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ فني تعليم جو بورڊ آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فني تعليم جو بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي

2. سنڌ فني تعليم جو بورڊ آرڊيننس، 1970 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 جي ذيلي

دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Ordinance XVI of 1970

دفعہ (1) ۾:

(a) شق (iii) ۾ لفظن "سنڌ انجنيئرنگ ڪاليج" لاءِ لفظ "سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج" متبادل ٿيندا؛

(b) شق (vii) ۾ لفظن ۽ ڪاما "تعليمي واڌارو ۽ خصوصي خدمتون سنڌ، حيدرآباد" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "نصاب جو بيورو، تعليمي واڌارو ۽ خصوصي خدمتون، سنڌ" متبادل ٿيندا؛

(c) شق (ix)، (x) ۽ (xi) ۾ لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "ڪنٽرولنگ اٿارٽي" متبادل ٿيندا؛

(d) شق (xi) ۾ لفظ "۽" ختم ڪيو ويندو.

(e) شق (xii) لاءِ هيٺين شق متبادل ٿيندي:

"(xii) ٻہ ماڻهو ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيا ويندا."؛

۽

(f) شق (xii) کانپوءِ هيٺيون شقون (xiii)، (xiv) ۽ (xv) شامل ڪيون وينديون؛

"(xiii) هڪ صنعتڪار ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(xiv) سينٽرل ڪائونسل، انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرس پاڪستان، جو هڪ ميمبر، جيڪو سنڌ ۾ اداري جي ڪنهن مقامي مرڪز سان تعلق رکندو هجي، ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽

(xv) ڇوڪرين لاءِ ووڪيشنل ادارن، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن، سنڌ جا ڊپٽي ڊائريڪٽرس."

1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي

3. مک آرڊيننس جي دفعہ 7 ۾ انگ "5" لاءِ انگ "4" متبادل ٿيندو.

| | |
|---|---|
| | دفعہ 7 جي ترميم<br>Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance XVI of 1970 |
| 4.مک آرڊيننس جي دفعہ 10 ۾ لفظ “سيڪريٽري” لاءِ لفظ “وزير” متبادل ٿيندو. | 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 10 جي ترميم<br>Amendment of Section 10 of Sindh Ordinance XVI of 1970 |
| 5.مک آرڊيننس جي دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ شق (i) ڪانپوءِ هيٺين ريت شق (i_a) جو اضافو ڪيو ويندو:<br>“(i_a) ڊگري سطح کان هيٺ ٽيڪنيڪل، ووڪيشنل، انڊسٽريل ۽ ڪمرشل تعليم جي ترقي جو لازمي رجسٽريشن ذريعي انتظام ڪرڻ.” | 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعہ 12 جي ترميم<br>Amendment of Section 12 of Sindh Ordinance XVI of 1970 |
| 6.مک آرڊيننس جي دفعہ 16 ۽ 17 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ “حڪومت” لاءِ لفظ “ڪنٽرولنگ اٿارٽي” متبادل ٿيندا. | 1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعات 16 ۽ 17 جي |

ترميم
Amendment of Sections 16 and 17 of Sindh Ordinance XVI of 1970
1970 جي سنڌ آرڊيننس XVI جي دفعه 31 جو اضافو
Addition of Section 31 of Sindh Ordinance XVI of 1970

7.مک آرڊيننس ۾، دفعه 30 کانپوءِ هيٺين ريت دفعه 31 شامل ڪئي ويندي:

(محفوظ ڪرڻ) "31. اولهه پاڪستان فني تعليم جو بورڊ يا ڪنهن بئي بورڊ انهيءَ جي طرفان پهرين جولاءِ 1970 تي يا ان کان پوءِ سنڌ صوبي سان لاڳاپيل ادارن بابت جو ڪجهه ڪيو ويو ڪارروائي ڪئي وئي يا قدم کنيو ويو حق يا اثاثا حاصل ڪيا ويا، ذميواريون ۾ رهتون لهڻيون ويون، ماڻهو مقرر ڪيا ويا يا بااختيار بڻايا ويا، حد يا اختيار جي توثيق ڪئي وئي، انڊومينٽ، بيڪويسٽ يا فنڊ قائم ڪيو ويو، چندو يا گرانٽ ڏني وئي، اسڪالر شپ يا ايوارڊ جوڙيو ويو، ڪنهن کي مجتا ڏني وئي، حڪم ڪڍيو ويو، قاعدا ۾ ضابطا جوڙيا ويا ته سمجهيو ويندو ته اهي صحيح طريقي سان ڪيا ويا آهن، قدم کنيا ويا آهن، ڪجهه حاصل ڪيو ويو آهي، ڪجهه قبول ڪيو ويو آهي، مقرر ڪيو ويو آهي، بااختيار بڻايو ويو آهي، مليو آهي، ناهيو ويو آهي، ڏنو ويو آهي، جاري ڪيو ويو آهي اهو هن آرڊيننس تحت جوڙيل بورڊ ڪيو آهي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**